SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.VII OF 2013
# سنڌ روينيو بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2012
# THE SINDH REVENUE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2012
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act No.XI of 2010

3. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act No.XI of 2010

4. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act No.XI of 2010

5. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI ۾ دفعہ 10_A جو اضافو
Addition of section 10_A in Sindh Act No.XI of 2010

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.VII OF 2013
# سنڌ روينيو بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2012
# THE SINDH REVENUE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2013

[1 مارچ 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ روينيو بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته ذريعي سنڌ روينيو بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛<br>ان ڪري هن ريت جوڙڻي عمل ۾ آندو ويندو: |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ روينيو بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعه 3 جي ترميم<br>Amendment of section 3 of Sindh Act No.XI of 2010 | 2. سنڌ روينيو بورڊ ايڪٽ، 2010 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڙايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 3 ۾:<br>(i) ذيلي دفعه (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(3) حڪومت ڪنهن ماڻهو کي يا ڪنهن ميمبر کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ۽ اهڙي عرصي لاءِ چيئرين مقرر يا نامزد ڪري سگهي ٿي، جيئن اها طئي ڪري؛ ۽<br>(ii) ذيلي دفعه 8 ۾، لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "بورڊ" متبادل ٿيندو. |
| 2010 جي سنڌ | |

**ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 5 جي ترميم**
**Amendment of section 5 of Sindh Act No.XI of 2010**

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 5 ۾، ذيلي دفعہ (2) ڪانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ (3) جو اضافو ڪيو ويندو:

“(3) بشرطيڪ ڪا بہ شئي هن ايڪٽ يا ڪنهن ٻئي قانون، قاعدن يا ڪنهن عدالت جي فيصلي خلاف نہ هجي، تہ بورڊ هڪ سليڪشن ڪميٽي جي ذريعي جيڪا حڪومت طرفان ڄاڻائي وڃي يا ٻيو معاملو هجي، 1 ڪان 20 ٻي اسڪيل تائين عارضي يا ڪانٽريڪٽ بنيادن تي ڪم ڪندڙ موجود ملازمن جي عهدن کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ مجاز هوندو، بورڊ ۾ حڪومت يا بورڊ اهڙن ملازمن جي مقرري لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کي اهڙيون مقرريون ڪرڻ يا اهڙين مقررين لاءِ قابليت سان لاڳاپيل معاملن ۾ انهن جي ڀرتيءَ جي طريقن بابت مشورو ڪرڻ لاءِ رجوع نہ ڪندا.”.

**2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI جي دفعہ 6 جي ترميم**
**Amendment of section 6 of Sindh Act No.XI of 2010**

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (v) ڪانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(v_a) قانون واري کاتي، سنڌ حڪومت جو سيڪريٽري؛”؛

(ii)ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن “ٻہ ميمبر” لاءِ لفظ “چار ميمبرن کان وڌيڪ نہ” متبادل ڏيندا.

**2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XI ۾ دفعہ 10_A جو اضافو**
**Addition of section 10_A in**

5.ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 10 ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ 10_A شامل ڪئي ويندي:

“10_A. حڪومت جي هٿ هيٺ قائم ڪيل ۾ هلندڙ سمورا سرڪاري کاتا، خودمختيار باڊيز، ڪارپوريشنز بورڊ جي عملدارن کي ضروري مدد فراهم ڪندا.”

Sindh Act No.XI
of 2010

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ
آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.